سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

# خبرنامو

جولاءِ 2008ع - ڊسمبر 2008ع

### جناب پير مظهرالحق صاحب جون ڪوششون

## سنڌي ادبي بورڊ لاءِ 3 ڪروڙ رپيا گرانٽ جي منظوري

ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب پير مظهرالحق صاحب جي خصوصي ڪوشش سان سنڌ جي وڏي وزير جناب سيد قائم علي شاهه صاحب سنڌي ادبي بورڊ لاءِ 3 ڪروڙ رپيا منظور ڪيا آهن، جيڪي جلد بورڊ کي ملي ويندا.

(ڏسو صفحو 3)



### نعرن، تاڙين ۽ ٽهڪن ۾ ٻالڪ ميلو ٿي گذريو

## هي دؤر مقابلي جو آهي، جيڪو محنت ڪندو سو اڳيان ايندو: پير مظهرالحق

### مستقبل اوهان جو آهي: اسان کي توهان مان سٺا انجنيئر، سائنسدان ۽ ڊاڪٽر کپن

### تحريري تقريري ۽ ذهني چٽاڀيٽي جا مقابلا منعقد ڪيا ويا

ڄام شورو: سينيئر وزير تعليم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب پير مظهرالحق جي حڪمت تي ٻارڙن لاءِ شايع ٿيندڙ بورڊ جي ماهوار رسالي "گل ڦل" طرفان ٻارن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان 23- نومبر 2008ع تي بورڊ ۾ "ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلو" ملهايو ويو، جنهن جي صدارت جناب پير مظهرالحق ڪئي. پير صاحب جن ميلي جو باقاعده افتتاح ڪرڻ کان اڳ "شهيد راڻي" محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ فاتحه پڙهي ۽ دُعا گهري، دعا گهرندي پير صاحب محترمه جي ياد ۾ لڙڪ لاڙي وينو جنهن تي سڄو پنڊال سوڳوار ٿي ويو. پير صاحب سنڌ جي ٻالڪن کي خطاب ڪندي چيو ته: مون کي هڪ وڏي عرصي کان پوءِ سنڌ جي خوبصورت ٻالڪن کي ايڏي وڏي تعداد ۾ بورڊ جي لان تي ڏسي حد کان وڌيڪ خوشي ٿي رهي آهي، مون کي هن وقت 1963ع وارو زمانو ٿو ياد اچي جڏهن اسان اهڙو ٻالڪ ڪنونشن حيدرآباد ۾ ڪيو هيوسين، مون کي اهو ڏسي به خوشي ٿي رهي آهي ته منهنجا ننڍپڻ جا دوست جن سان گڏجي ٻالڪ ڪنوينشن ڪيوسين، سي به اڄ هتي موجود آهن. اسان کي توهان ٻالڪن مان سٺا انجنيئر، سائنسدان ۽ ڊاڪٽر کپن. مستقبل اوهان جو آهي. هي دؤر مقابلي جو دور آهي، جيڪو محنت ڪندو سو اڳيان نڪرندو، نه ته پٺتي رهجي ويندو. پير صاحب استادن سان مخاطب ٿيندي چيو ته: "هن موقعي تي آءٌ استادن کي به صلاح ٿو ڏيان ته اُهي به مستقبل جي معمارن جي علمي تربيت تي محنت ڪن ته جيئن اسان کي مستقبل ۾ ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ سائنسدان تيار ٿي ملن." پير صاحب وڌيڪ چيو ته: "هينئر اسان شهيد راڻي" محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي سوڳ ۾ آهيون. 27- ڊسمبر 2008ع تي شهيد محترمه جي ورسيءَ کان پوءِ سنڌ جي هر ضلعي ۾ ڏسو صفحو نمبر 2



ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلي ۾ پير مظهرالحق، شيخ عزيز، سيد زوار نقوي ۽ نجمه پنهور ٻالڪن سان مخاطب آهن.

## سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي نئين جوڙجڪ

ڪراچي: سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي 20- جون 2008ع تي پنهنجي نوٽيفڪيشن نمبر SO(B&U) 9-7/2007 تحت سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي، جنهن مطابق جناب پير مظهرالحق وزير تعليم، چيئرمن ۽ جناب شيخ عزيز وائيس چيئرمن ۽ ان سان گڏ هينيان اديب ۽ دانشور ميمبر مقرر ڪيا ويا.

(1) جناب سيڪريٽري تعليم کاتو (2) جناب سيڪريٽري ناڻو کاتو (3) جناب عبدالحميد سنڌي صاحب (4) جناب پروانو ڀٽي صاحب (5) جناب عبدالغفار صديقي صاحب (6) جناب محمد قاسم ماڪا صاحب (7) جناب احمد خان مدهوش صاحب (8) جناب سرفراز راڄڙ صاحب (9) جناب احمد سولنگي صاحب (10) جناب علي قاضي صاحب (11) جناب اياز پاتولي صاحب (12) جناب مولا بخش چانڊيو صاحب (13) جناب جميل سومرو صاحب (14) جناب قاضي اسد عابد صاحب (15) ڊاڪٽر سحر امداد حسيني صاحبه (16) ڊاڪٽر ڪريم راڄپر صاحب (17) جناب آغا سليم صاحب (18) ڊاڪٽر محمد لائق زرداري صاحب

## پروفيسر سيد زوار نقوي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر



ڪراچي: سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جي هڪ حڪم مطابق پهرين جولاءِ 2008ع تي سنڌ جي ناليواري اديب ۽ تعليمدان جناب پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي کي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو آهي. جنهن پهرين جولاءِ 2008ع تي چارج وٺي اداري جو ڪاروهنوار هلائڻ شروع ڪيو آهي.

## جناب محمد ابراهيم جويو جي عيادت

ڪراچي: سنڌ جي نامور اديب، دانشور، ڏاهي ۽ بورڊ جي اڳوڻي چيئرمن ۽ سيڪريٽري محترم محمد ابراهيم جويو صاحب سان آغا خان اسپتال پهچي بورڊ جي معزز ميمبر جناب عبدالغفار صديقي، سيڪريٽري سيد زوار نقوي ۽ پبليڪيشن آفيسر سيد سڪندر علي شاهه عيادت ڪئي.



شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ريفرنس کي پير مظهرالحق، محمد ابراهيم جويو، مرزا اعجاز بيگ، غلام رباني آگرو، امداد حسيني، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، عبدالغفار صديقي، سرفراز راڄڙ، پروانو ڀٽي، تاج جويو، نصير مرزا ۽ سيد زوار نقوي خطاب ڪري رهيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

# خبرنامو

جولاءِ 2008ع - ڊسمبر 2008ع

اداريو

## نئين اميد سان

شهيدِ جمهوريت محترمہ بينظير ڀٽو جي رت سان جلايل جمهوريت جي مشعل جي روشني، سنڌي ادبي بورڊ جي شڪستہ وجود ۾ پڻ هڪ نئين جوت جاڳائي ڇڏي آهي، ۽ سنڌ جي علم ۽ ادب دوست خاندان جو فرد جناب پير مظهرالحق بورڊ جي چيئرمن جي روپ ۾ اداري کي ڄڻ تہ هڪ قطب نما جي حيثيت ۾ مليو آهي، جنهن جي سهڪار ۾ سنڌ جا نامور ۽ پنهنجن شعبن جا ماهر نانءُ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبر طور ڪنهن ڪهڪشان کان ڪنهن بہ ريت گهٽ ناهن. سندن رهنمائيءَ ۾ هي ادارو ڪيترين ئي اڳ ڀيل غلط روايتن کان پاڪ ٿي چڪو آهي ۽ اميد آهي تہ اڳتي لاءِ پڻ اداري کي نقصان رسائيندڙ اهڙين ٻين منفي روايتن کي پاڙان پٽي اداري جي وڃايل ساک کي ٻيهر بحال ڪري ساهي پٽيندو.
هيءَ ڳالهہ پڻ اداري لاءِ سونهن جو سبب آهي تہ بورڊ جو وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز صاحب صحافت جي دنيا جو هڪ اهم ۽ قابلِ احترام نانءُ آهي.
اداري طرفان هيءُ خبرنامو اُن ڳالهہ جي شاهدي آهي تہ نئون آيل سيڪريٽري، جيڪو سنڌ جي هڪ اعليٰ اخلاقي قدرن جي پاسداري ڪندڙ جهانيان خاندان جو سجاده نشين هئڻ سان گڏ هڪ بهترين ايڊمنسٽريٽر پڻ آهي، ادب سان گهري دلچسپي رکندڙ، ادب دوستن ۽ اديبن تائين اداري ۾ ٿيندڙ هر تعميري ڪم جي ڄاڻ هن خبرنامي رستي صدق دل سان پهچائڻ جو عزم ڪري چڪو آهي. سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ هيءُ خبرنامو هر مهيني اوهان کي ادبي بورڊ ۾ ٿيندڙ سرگرمين جي ڄاڻ سان گڏ، اداري جي ڪارڪردگي جو وچور بہ پيش ڪندو رهندو. اوهان جي مثبت موٽ ۽ صلاح اسان لاءِ رهنما ثابت ٿيندي.
(ايڊيٽر)

| | |
|---|---|
| نگران: | سيد زوار نقوي |
| ايڊيٽر: | طارق عالم ابڙو |
| معاون: | حافظ احمد الدين انڍڙ |
| لي آئوٽ: | فرحان علي ڀٽي |

## جولاءِ 2008ع کان پوءِ بورڊ طرفان شايع ٿيل ڪتاب



1. بيان العارفين و تنبيه الغافلين
ترجمو ۽ تحقيق: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
صفحا: 597
قيمت: -/320



2. رسائل سيوستاني (سنڌي)
مترجم: مولانا محمد انس راڄپر
صفحا: 296
قيمت: -/250



3. منهنجي شروعاتي زندگي
ونسٽن چرچل
صفحا: 288
قيمت: -/300



4. جادو ۽ سائنس
مترجم: سومار علي سومرو
صفحا: 568
قيمت: -/300




5. جهڙا گل گلاب جا-1
غلام رباني آگرو
صفحا: 280
قيمت: -/150




6. جهڙا گل گلاب جا-2
غلام رباني آگرو
صفحا: 510
قيمت: -/150




7. گلدستہ قليچ
مرتب: مرزا عجاز علي بيگ
صفحا: 64
قيمت: -/45



8. عالمي افسانا
مترجم: مراد علي مرزا
صفحا: 268
قيمت: -/250



9. چچ نامو (اردو)
مترجم: اختر رضوي
صفحا: 378
قيمت: -/305




10. قديم سنڌ (سنڌي)
پيرومل مهرچند آڏواڻي
صفحا: 410
قيمت: -/260

11. شعور شاعر شاعري: ڊاڪٽر سحر امداد حسيني- صفحا: 398 ، قيمت: -/340. 12. دل وارن جي دنيا: نجم عباسي/مرتب: يوسف سنڌي- صفحا: 291، قيمت: -/200. 13. تاريخ سنڌ: (از: ٿوپڻ مل) مترجم:ڊاڪٽر عبدالرسول قادري- صفحا:175، قيمت: /150. 14. ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي: مرتب: تنوير عباسي- صفحا: 191، قيمت: -/160. 15. ڏرتيءَ تارا: آٿر ناٿن شاهي- صفحا: 10، قيمت: -/100.

(آنڌل صفحو 1 تان) اهڙو ٻالڪ ميلا منعقد ڪنداسون.” پير صاحب بورڊ جي ملازمن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ: “بورڊ کي متحرڪ ڪيو، ڪم ڪري ڏيکاريو، هي دور محنت ڪرڻ جو دور آهي، بورڊ سنڌ جا قديم قلمي نسخا شايع ڪري.” هن بورڊ جي ميمبرن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ: “بورڊ جي معزز ميمبرن کي صلاح ٿو ڏيان تہ بورڊ جي ڪم جي نگراني ڪن. بورڊ جي ترقي لاءِ عمارتن ۽ ڪتابن جي اسڪيم کان علاوه بورڊ جي ملازمن لاءِ رهائشي اسڪيم بہ جوڙي مون کي پيش ڪئي وڃي. پير صاحب چيو تہ: “گل ڦل ۾ اڃا بہ وڌيڪ سڌارو آڻيو، گل ڦل هر اسڪول ۾ موڪليندا سين.” پير صاحب وڌيڪ چيو تہ: “اسان سنڌي ادبي بورڊ لاءِ 3 ڪروڙ روپيا منظور ڪرايا آهن، جيڪي جلد بورڊ کي ملي ويندا.” ان موقعي تي پير صاحب جن بورڊ طرفان F.M ريڊيو کولڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو تہ: “تمام جلد ان جو افتتاح ڪنداسين.” ميلي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻالڪن جي هڪ وڏي انگ پنهنجي مائٽن ۽ استادن سميت شرڪت ڪئي. ميلي ۾ تقريري ۽ تصويري مقابلو ڪرايو ويو. ٽيبلو، فينسي ڊريس ۽ مختلف من موهيندڙ شو پيش ڪيا ويا.

(آنڌل صفحي 3 تان) ۽ رسالن جي ٽائيٽلز کي سينگاريندڙ ع.ق. شيخ جي ورسي بورڊ جي وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز جي صدارت هيٺ ٿي. بورڊ جو اسٽاف تعزيتي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيو، جڏهن تہ مهمان خاص نامور تعليمي ماهر ۽ بورڊ جو معزز ميمبر جناب عبدالغفار صديقي هو. ان موقعي تي عبدالغفار صديقي، سيد زوار نقوي، نفيس احمد ناشاد، گلبدن جاويد مرزا، طارق عالم ابڙو ۽ زيب سنڌي، مرحوم جي ڪيل علمي ادبي خدمتن تي روشني وڌي. گڏجاڻي بعد سڄو اسٽاف محترم ع. ق. شيخ جي مزار (بابن شاهہ قبرستان) تي ويو ۽ اُن تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحہ پڙهي.



جناب پير مظهرالحق سنڌي ادبي بورڊ جي 21- ڊسمبر 2008ع تي ٿيل بورڊ آف گورنرس جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ پاران قليچ ريفرنس

# مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻوليءَ جو محسن آهي: پير مظهرالحق

## هن ادب جي هر صنف تي لکيو آهي؛ گلدستہ قليچ جلد ڇپرو ڪيو وڃي

حيدرآباد: سنڌي ادب جي محسن شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي ياد ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان 6- جولاءِ 2008ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هال ۾ صبح جو 10 وڳي"ريفرنس" ٿيو، جنهن جي صدارت سنڌ جي سينيئر وزير تعليم ۽ بورڊ جي چيئرمن جناب پير مظهرالحق صاحب ڪئي. ريفرنس کي خطاب ڪندي رئيس مرزا اعجاز حسين بيگ چيو تہ: "مرزا صاحب جا



جناب پير مظهرالحق، سرفراز راڄڙ، جناب حميد سنڌي، جناب جناب سيد زوار نقوي شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي مزار تي فاتحہ پڙهندي.

سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان تي تمام گهڻا ٿورا آهن، مرزا صاحب سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي هر صنف تي ڪتاب لکي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي شاهوڪار بڻايو آهي. مرزا صاحب جي ڪتابن جو تعداد 450 آهي، جن مان گهڻا تہ ڇپيائي ڪونہ آهن. اسان کي خوشي ٿيندي جو مرزا صاحب جا اڻ ڇپيل ڪتاب بورڊ ڇپائي." ان موقعي تي هن مرزا صاحب جو شاعريءَ جو ڪتاب "گلدستہ قليچ" بورڊ کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو. جناب پير مظهر الحق صاحب پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو تہ: "شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻوليءَ جو محسن آهي هن سنڌي ٻوليءَ جي هر صنف تي لکيو آهي، آءٌ هدايت ٿو ڪريان تہ بورڊ طرفان مرزا صاحب جو ڪتاب "گلدستہ قليچ" جلد شايع ڪيو وڃي." ان موقعي تي سائين محمد ابراهيم جويو، سائين غلام رباني آگرو، سائين عبدالغفار صديقي، سائڻ ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، سائين امداد حسيني، سائين پروانو ڀٽي، سائين سرفراز راڄڙ، سائين تاج جويو، سائين نصير مرزا ۽ سيد زوار نقوي، شمس العلماءُ جي شخصيت، ڪيل علمي ۽ ادبي خدمتن سان تي تفصيلي روشني وڌي. تقريب ۾ شمس العلماءَ جي خاندان جي فردن عالمن، اديبن ۽ شاعرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

# اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين



جناب شيخ عزيز، سيد زوار نقوي، نفيس احمد شيخ، غلام حسين شيخ مولانا غلام محمد گراميءَ جي مزار تي چادر چاڙهي رهيا آهن.

ڄام شورو: سنڌي ٻوليءَ جي نامور ليکڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده سيڪريٽري سيد زوار حسين شاهہ نقوي ، بورڊ ۾ اچڻ شرط ڪيترين ئي صحت مند روايتن جو بنياد وڌو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ ڏات ڌڻين جي ڏهاڙن کي ملهائڻ بہ شامل آهي.

**مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ورسي ملهائي وئي**

2- 22- آگسٽ 2008ع تي تحريڪ آزادي جي اڳواڻ ۽ جڳ مشهور عالم، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ورسي جي موقعي تي گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ بورڊ جي سموري عملي شرڪت ڪئي. مولانا جي زندگي، جلاوطني، تحريڪ، علمي ۽ سماجي خدمتن تي وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز، بورڊ جي ميمبر جناب عبدالغفارصديقي ۽ سيڪريٽري پروفيسر سيد زوار نقوي، نفيس احمد شيخ ڳالهائيندي مولانا جي علمي خدمتن تي روشني وڌي.

**حيدر علي لغاري جي تعزيتي گڏجاڻي ٿي گذري**

4. 26 آگسٽ 2008ع تي سنڌ جي باڪمال فڪري اهل قلم مرحوم حيدر علي لغاري جي لاڏاڻي تي تعزيتي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي، جنهن کي بورڊ جي معزز ميمبر ۽ نامور تعليمي ماهر جناب عبدالغفار صديقي، پروفيسر سيد زوار نقوي، نفيس احمد ناشاد، طارق عالم ابڙي ۽ عبدالحفيظ قريشي مرحوم جي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتن جو ذڪر ڪيو.

**مولانا غلام محمد گراميءَ جي ورسي ملهائي وئي**

1- 15- سيپٽمبر 2008ع تي سنڌ جي پر بهار عالم، محقق ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽہ- ماهي مهراڻ جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي جي 32 هين ورسي جي گڏجاڻي بورڊ جي وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز جي صدارت ۾ ٿي. گڏجاڻي ۾ نفيس احمد شيخ، طارق عالم ابڙو، پروفيسر سيد زوار نقوي ۽ ٻين گرامي صاحب جي ڪيل خدمتن کي ڳڻيندي، سندس لکڻين کي سنڌ جي ساجاهہ ۽ سرمايو قرار ڏنو. آخر ۾ گرامي صاحب جي ايصال ثواب خاطر دعا گهري وئي. گڏجاڻي بعد سڄو اسٽاف گرامي صاحب جي مزار (واقع غلام شاهہ ڪلهوڙي جو مقبرو) تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ دعا گهري.

(آندل صفحو 4 تان)

3. جناب پروانو ڀٽي ميمبر
4. جناب احمد خان مدهوش ميمبر
5.جناب احمد سولنگي ميمبر

**اسڪروٽني (ڇنڊڇاڻ) ڪاميٽي**

1. جناب مولا بخش چانڊيو چيئرمن
2. جناب عبدالحميد سنڌي ميمبر
3. جناب عبدالغفار صديقي ميمبر

**اي ڊي پي اسڪيم 1080/772 سب ڪاميٽي**

1. جناب سرفراز راڄڙ چيئرمن
2. ڊاڪٽر سحر امداد حسيني ميمبر
3. جناب عبدالغفار صديقي ميمبر
4. جناب محمد قاسم ماڪا ميمبر

**ايف. ايم ريڊيو ڪاميٽي**

1. جناب آغا سليم چيئرمن
2. جناب عبدالحميد سنڌي ميمبر
3. جناب محمد قاسم ماڪا ميمبر
4. ڊاڪٽر سحر امداد حسيني ميمبر
5. جناب پروانو ڀٽي ميمبر

**احمد فراز جي تعزيتي گڏجاڻي ٿي گذري**

ڄام شورو: ملڪ جي نامور شاعر احمد فراز جي لاڏاڻي تي تعزيتي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي، جنهن کي بورڊ جي معزز ميمبر ۽ نامور تعليمي ماهر جناب عبدالغفار صديقي، پروفيسر سيد زوار نقوي، نفيس احمد ناشاد ۽ طارق عالم ابڙي، مرحوم جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي روشني وڌي.

**شيخ محمد اسماعيل جي ورسي ملهائي وئي**

6. 22 جنوري 2009ع تي سنڌ جي نامياري محقق، لغت ۽ لوڪ ادب جي ماهر ۽ مخلص ادبي خدمت گذار استاد شيخ محمد اسماعيل جي پنجين ورسيءَ جي حوالي سان بورڊ ۾ تعزيتي گڏجاڻي منعقد ڪئي ويئي. جنهن کي وائيس چيئرمن شيخ عزيز، سيد زوار نقوي، نفيس احمد ناشاد، نجمہ پنهور، ثمينہ ميمڻ، دين محمد ڪلهوڙي ۽ الهڏتي وگهيي استاد شيخ محمد اسماعيل جي ادبي جاکوڙ سان گڏ سندس ذاتي صفتن جي پهہ پچار ڪئي. آخر ۾ بورڊ جي سموري عملي، ٽنڊي آغا پهچي شيخ صاحب جي مزار تي چادر چاڙهي مغفرت جي دعا گهري. ان موقعي تي بورڊ جي سيڪريٽري سيد زوار نقوي، شيخ صاحب جي تُربت تي ڪَتبو آويزان ڪيو.

**ع. ق. شيخ جي ورسي ملهائي وئي**

3- سنڌ جي نامور چترڪار، ڪهاڻيڪار ۽ بورڊ جي ڪيترن ئي ڪتابن (ڏسو صفحو 2 تي)



جناب شيخ عزيز، جناب عبدالغفار صديقي، جناب سيد زوار نقوي ۽ ٻيا مرحوم ع. ق. شيخ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي رهيا آهن.

# جناب پير مظهرالحق پاران ”ڪتاب گهر“ جو دورو

## ڪتابن جي وڪري ۽ اسٽور متعلق ڄاڻ ورتي ۽ مختلف شعبا ڏٺا

حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب پير مظهرالحق صاحب 6- جولاءِ 2008ع تي بورڊ جي ڪتاب گهر جو دورو ڪيو، پير صاحب ڪتاب گهر ۽ ان سان لاڳاپيل ڪتابن جي اسٽور جو تفصيلي معائنو ڪيو، هن ’ڪتاب گهر‘ جي ڪم ڪار جي طريقہ ڪار ۽ ڪتابن جي وڪري ۽ اسٽور بابت معلومات ورتي. پير صاحب جن ڪتابن



جناب پير مظهرالحق بورڊ جي ڪتاب گهر تي ڪتابن جو معائنو ڪري رهيا آهن.

جي وڪري جي حوالي سان بڪ اسٽال جي عملي کي ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ: ”ڪتابن جي وڪري تي اجا بہ وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي تہ جيئن بورڊ جي آمدني ۾ وڌ ۾ وڌ اضافو ٿي سگهي.“ جناب چيئرمن ڪتاب گهر جي دوري دوران، بورڊ جي ڪتاب گهر کي جديد بنائڻ جون هدايتون ڏينديءَ چيو تہ: ”ڪتاب گهر جو نقشو جديد ۽ سنڌ جي ثقافت جو آئينہ دار هئڻ گهرجي.“ پير صاحب بورڊ جي ڇپيل ڪتابن کي نهايت پسند ڪيو ۽ پنهنجيءَ پسند جا ٽي هزار نوَ سؤ چار رپين جا ڪتاب خريد ڪري ادائگي ڪئي. ڪتاب گهر جي دوري دوران پير صاحب سان وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز، معزز ميمبر جناب سرفراز راڄڙ ۽ سيڪريٽري جناب سيد زوار نقوي بہ گڏ هئا.

## ڪراچي ۾ ڪيمپ آفيس جو قيام

ڪراچي: بورڊ جي چيئرمن جناب پير مظهرالحق جن جي حڪم تي ڪراچي ۾ ڪيمپ آفيس قائم ڪئي پئي وڃي.

## بورڊ جي رائٽرس ويلفيئر فنڊ مان ليکڪن جي مالي سهائتا

ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ اديبن جي لاءِ قائم ڪيل رائٽرز ويلفيئر فنڊ مان 1. محترم اسير ملاح کي =/10,000 ڏهہ هزار روپيا 2. محترمہ زيب. اي. شيخ کي =/25,000 پنجويهہ هزار روپين جي مالي مدد ڪئي. جڏهن تہ بورڊ جي چيئرمن جناب پير مظهرالحق صاحب جن جي خاص حڪم تي ناميارو شاعر جناب احمد خان ”مدهوش“ جو بورڊ جي خرچ تي مڪمل علاج ڪرايو پيو وڃي.

## جناب پير مظهرالحق اسپتال پهچي احمد خان مدهوش جي عيادت ڪئي

حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن ۽ سينيئر صوبائي وزير تعليم جناب پير مظهرالحق صاحب راجپوتانہ اسپتال ۾ داخل سنڌي ٻوليءَ جي ناميارو شاعر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ



جناب پير مظهرالحق صاحب اسپتال ۾ احمد خان مدهوش جي عيادت ڪري رهيو آهي.

آف گورنرس جي ميمبر جناب احمد خان مدهوش جي عيادت ڪئي. ياد رهي تہ جناب چيئرمن صاحب جي حڪمن تي سندس علاج سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪرايو پيو وڃي. ان موقعي تي بورڊ جو وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز، سيڪريٽري سيد زوار نقوي بہ موجود هئا.

## جناب پير مظهرالحق، نامور شاعر ۽ صحافي پروانو ڀٽي جي عيادت ڪئي

حيدرآباد: سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير تعليم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب پير مظهرالحق، سنڌي



جناب پير مظهرالحق پرواني ڀٽي سان عيادت ڪندي.

ٻولي جي نامور شاعر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر جناب پروانو ڀٽي صاحب جي گهر پهچي سندس عيادت ڪئي.

**بورڊ جي پهرين اجلاس ۾ بورڊ جو ڪاروهنوار قاعدي مطابق هلائڻ لاءِ هيءَ ڪاميٽيون تشڪيل ڏنيون ويون.**

### اسٽئنڊنگ ڪاميٽي

1- جناب شيخ عزيز — چيئرمن
2.- جناب عبدالغفار صديقي — ميمبر
3- جناب سرفراز راڄڙ — ميمبر
4- جناب مولا بخش چانڊيو — ميمبر
5- ڊاڪٽر سحر امداد حسيني — ميمبر
6- ڊاڪٽر محمد لائق زرداري — ميمبر

### مالياتي ڪاميٽي

1. جناب عبدالحميد سنڌي — چيئرمن
2. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري — ميمبر
3. ڊاڪٽر سحر امداد حسيني — ميمبر
4. جناب عبدالغفار صديقي — ميمبر
5. جناب مولا بخش چانڊيو — ميمبر
6. جناب اياز پاٽولي — ميمبر

### پبليڪيشن ڪاميٽي

1. جناب آغا سليم — چيئرمن
2. جناب عبدالحميد سنڌي — ميمبر

(ڏسو صفحو 3)



جناب پير مظهرالحق صاحب 13- جولاءِ 2008ع تي ٿيل سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيا آهن.

## تعزيتي گڏجاڻيون

ڄام شورو: سنڌي ٻوليءَ جي نامور ليکڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده سيڪريٽري سيد زوار حسين شاهه نقوي ، بورڊ ۾ اڄڻ شرط ڪيترين ئي صحت مند روايتن جو بنياد وڌو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ ڏات ڌڻين جي ڏهاڙن کي ملهائڻ به شامل آهي.

1- 15- سيپٽمبر 2008ع تي سنڌ جي پر بهار عالم، محقق ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽه-ماهي مهراڻ جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي جي 32 هين ورسي جي گڏجاڻي بورڊ جي وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز جي صدارت ۾ ٿي. گڏجاڻي ۾ نفيس احمد شيخ، طارق عالم ابڙو، پروفيسر سيد زوار نقوي ۽ ٻين گرامي صاحب جي ڪيل خدمتن کي ڀيٽيندي، سندس لکڻين کي سنڌ جي ساڃاهه ۽ سرمايو قرار ڏنو. آخر ۾ گرامي صاحب جي ايصال ثواب خاطر دعا گهري وئي. گڏجاڻي بعد سڄو اسٽاف گرامي صاحب جي مزار (واقع غلام شاهه ڪلهوڙي جو مقبرو) تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ دعا گهري.

2- سنڌ جي نامور چترڪار، ڪهاڻيڪار ۽ بورڊ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن جي ٽائيٽلز کي سينگاريندڙ ع.ق. شيخ جي ورسيءَ جي موقعي تي بورڊ جي اسٽاف تعزيتي گڏجاڻي ڪئي، جنهن جي صدارت بورڊ جي وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز ڪئي، جڏهن ته مهمان خاص نامور تعليمي ماهر ۽ بورڊ جو معزز ميمبر جناب عبدالغفار صديقي هو. ان موقعي تي عبدالغفار صديقي، سيد زوار نقوي، نفيس احمد ناشاد، گلبدن جاويد مرزا، طارق عالم ابڙو ۽ زيب سنڌي، مرحوم جي ڪيل علمي ادبي خدمتن تي روشني وڌي. گڏجاڻي بعد سڄو اسٽاف محترم ع. ق. شيخ جي مزار (ٻاٻن شاهه قبرستان) تي ويو ۽ اُن تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه پڙهي.

3- 22- آگسٽ 2008ع تي تحريڪ آزادي جي اڳواڻ ۽ جڳ مشهور عالم، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ورسي جي موقعي تي گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ بورڊ جي سموري عملي شرڪت ڪئي. مولانا جي زندگي، جلاوطني، تحريڪ، علمي ۽ سماجي خدمتن تي وائيس چيئرمن جناب شيخ عزيز، بورڊ جي ميمبر جناب عبدالغفارصديقي ۽ سيڪريٽري پروفيسر سيد زوار نقوي، نفيس احمد شيخ ڳالهائيندي مولانا جي علمي خدمتن تي روشني وڌي.

حيدرآباد پڪي قلعي واري ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ آيا هئا ته سندن رهائش جو انتظام ٽريننگ ڪاليج ۾ ڪيو ويو هو.

صديقي صاحب وڌيڪ چيو ته جڏهن آئون دين پرو مولانا صاحب جي مزار تي ويو هئس ته مولانا صاحب جي مزار جي حالت خسته هئي ۽ ڪوبه ڪتبو وغيره نه هو جنهن سان عام ماڻهوءَ کي خبر پوي ته مولانا صاحب جي مزار ڪهڙي آهي، منهنجي تحرڪ سان، سندس ڏوهٽي ظهيرالدين مولانا صاحب جي مزار کي پڪو ڪرايو ۽ ڪتبو لڳايو. گڏجاڻي جي آخر ۾ دعا گهري وئي.

## سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتاب گهر بابت ڪجهه اهم تاثرات

اڄ سنڌي ادبي بورڊ جي "ڪتاب گهر" گهمڻ جو موقعو مليو ۽ ڏاڍي خوشي به ٿي ۽ دل به وڏي ٿي وئي. مون هدايت ڪئي آهي ته ڪتاب گهر جي نئين عمارت جوڙڻ لاءِ نقشو نهرايو وڃي ته جيئن جديد طرز جو ڪتاب گهر تعمير ڪرايو وڃي، انشاء الله. عزيز شيخ صاحب جي سربراهي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي عظيم تر ترقيءَ جو

## بورڊ طرفان عنقريب شايع ٿيندڙ ڪتاب

1. منهنجي شروعاتي زندگي
(ونسٽن چرچل)    مترجم: منصور عباسي
2. گراميءَ جون تحريرون
مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو
3. ع.ق. شيخ جي ڊائري ۽ خط
مرتب: محمد ابراهيم جويو
4. بياض مخدوم فضل الله
محقق: مخدوم سليم الله صديقي
5. اهي ڏينهن اهي شينهن (ٽئي جلد)
پير علي محمد شاهه راشدي
6. مخدوم محمد حيات سنڌي
تحقيق: ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو
7. اشرف العلوم
دين محمد اديب
8. معياري متن وارو شاهه جو رسالو
محقق مرتب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
9. ڊراما
آغا سليم
10. لاٽ جا لطيف جي
آغا سليم
11. معيار سالڪان طريقت
مير علي شير قانع ٺٽوي
12. رات جو رنگ
شوڪت حسين شورو
13. تاريخ سنڌ (عرب دؤر)
ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ
14. گلزار ابرار
تحقيق: مخدوم سليم الله صديقي
15. سنڌي زبان اور ادب کي تاريخ
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ/ شذره سڪندري
16. رقعات قاضي عبدالرسول

خواهشمند آهيان. ڪتاب گهر جي مئنيجر ۽ ڪارڪنن لاءِ نيڪ خواهشن سان.

پير مظهرالحق

سينيئر وزير، وزير تعليم ۽ چيئرمن

سنڌي ادبي بورڊ

علم کے حوالے سے ہمارے صوبے سندھ کا ایک مقام ہے، بہت بڑے بڑے نام، اولیا اور علماء یہاں کے تاریخ کا حصہ ہیں مگر اب اس کام کو بہت آگے بڑہانے اور دنیا میں روشناس کرانے کے لئے سندھی ادبی بورڈ جامشورو کو ایک اہم کردار ادا کرنا ہے۔ انشاء اللہ ہم منوار کر رہیں گے کہ سندھی مستند زبان ہے اور خوبصورت ہے۔ انشاء اللہ۔

فاطمہ ثریا بجیا

A good presentation of the best book of the august Institution. A good gesture of good management practices of Sindhi Adabi Board. Needs more filed displays in others towns of Sindh.

*Gul Mohammed Umrani*

انسان کي ساجاهه علم مهيا ڪري ٿو. علم لاءِ ڪتاب وڏو وسيلو آهن. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو ڪردار هر لحاظ کان جس لهڻي. مختلف محققن، مؤلفن، تاريخ نويسن سان رابطو قائم ڪري سنڌي ادب، ٻولي ۽ ارتقائي ڄاڻ مهيا ڪرڻ ۾ ادبي بورڊ ڪنهن به پيغمبري ڪم کان گهٽ ڪردار ادا نه ڪيو آهي. هن ۾ وڏيڪ اميدون رکي سگهجن ٿيون ۽ دعا آهي ته سنڌي قومي بقا ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪندو رهندو.

ولي محمد روشن

سنڌي ادبي بورڊ سنڌي ٻوليءَ جي ادب، تاريخ ۽ سيپيتا کي گڏ ڪري ڇپڻ جو ڪم بخوبيءَ نڀايو آهي. هي اهو ادارو آهي جنهن تي هر سنڌيءَ کي فخر هئڻ کپي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ

سنڌي ادبي بورڊ جي بوڪ اسٽال، سنڌ بابت، ڪراچي ۾ ٽيندڙ ڪانفرنس ۾ به پنهنجو پاڻ ملهايو آهي ۽ پنهنجي اداري جي هئڻ جو احساس ڏياريو آهي.

اياز گل

## ”ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلو“ بابت ڪجهه اهم تاثرات

اڄ 23 نومبر 2008ع تي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪوٺايل سنڌي ٻالڪ ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو. منهنجي زندگيءَ ۾ هي هڪ اهم ڏينهن آهي جو تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. مون هن ڏينهن کان اڳ اهڙو پروگرام نه ڏٺو، پر ميلي ۾ سنڌ جي اڪثر ضلعن مان ٻارن شرڪت ڪئي آهي. ادبي بورڊ جي دوستن کي مبارڪون هجن جن محنت ڪري ڏينهن رات جي ڪوشش سان توڙي عرصي ۾ ميلو ڪرايو ۽ ڪجهه نوان ڪتاب ٻارڙن لاءِ ڇپائي پڌرا ڪيا.

غلام محمد غازي

گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر

ٻارڙن جو ميلو انتهائي خوبصورت موقعو آهي. جنهن ۾ ٻارڙا پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪن ٿا. وڏي عرصي ڪانپوءِ اهڙي قسم جي روايت کي ٻيهر اجاگر ڪري سنڌي ادبي بورڊ سچ ته وڏو ڪم ڪيو آهي.

مرتضيٰ سيال

تاريخ 23 نومبر 2008ع تي سنڌ ڌرتي جي مستقبل جي معمارن جي عالمي ڏينهن

جي نسبت سان ڪرايل آل سنڌ ميلو منعقد ڪرائي سنڌ جي ثقافت تاريخ کي اجاگر ڪرڻ جي جيڪا سنڌي ادبي بورڊ ڪوشش ونئي تاريخي ۽ يادگار پروگرام منعقد ڪرايو آهي. ان ساراهه جي نظر سان ڏٺو وڃي ته انصاف اجا به وڏيڪ لفظ جو گهرجائو آهي.

**محمد حسين مهر**

گورنمينٽ ڪمپريهينسو هائير سيڪنڊري اسڪول سکر

## جولاءِ 2008ع کان پوءِ بورڊ طرفان شايع ٿيل ڪتاب

1. وتايو فقير — ولي محمد طاهرزادو ص88 -/70
2. جادو ۽ سائنس — مترجم: سومار علي سومرو
3. جهڙا گل گلاب جا-1 — غلام رباني آگرو -/150 ص280
4. جهڙا گل گلاب جا-2 — غلام رباني آگرو -/150 ص 510
5. لوڪ ڪهاڻيون -4 — مرتب:ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص220 -/100
6. انساب مشائخ سيوستاني — محقق: مخدوم سليم الله صديقي
7. گلدسته قليچ — مرتب: مرزا عجاز علي بيگ ص64 - 45/
8. چچ نامو (اردو) — مترجم: اختر رضوي ص378 -/305
9. لوڪ ڪهاڻيون -1 — مرتب:ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص440 -/260
10. قديم سنڌ (سنڌي) — از: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ص 410 - 260/
11. شعور شاعر شاعري — ڊاڪٽر سحر امداد حسيني ص398 - 340/
12. رسائل سيوستاني (سنڌي) — مترجم: مولانا محمد انس راڄپر -/250 ص296
13. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون -5 — مرتب:ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - 160/ ص291
14. عالمي افسانا — مترجم: مراد علي مرزا -/250 ص 268
15. دل وارن جي دنيا — نجم عباسي/مرتب: يوسف سنڌي -/200 ص 291
16. بيان العارفين و تنبيه الغافلين — محقق: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو ص 597 -/320
17. تاريخ سنڌ (از: ٽوپڻ مل) — مترجم:ڊاڪٽر عبدالرسول قادري -/150 ص 175
18. ڪلام خوش خير محمد — مرتب: تنوير عباسي -/160 ص 191
19. ڌرتيءَ تارا — آثم ناٿن شاهي -/100 ص 100
20. گل ڦل چوندڊ ڪهاڻيون — مرتب، دين محمد ڪلهوڙو -/255 ص248
21. اڌوري تصوير — شوڪت چاچڙ -/75 ص76